# معجزو بڻجي آيو

# اسان جو نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**18-October-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اجتماعِ ميلاد (1443هـ)، 18آڪٽوبر 2021 تي پاڪستان ۾ ٿيڻ وارو بيان

# معجزو بڻجي آيو اسان جو نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ!

- ✿... فضيلتن ۽ برڪتن واري عظيم رات
- ✿... خَصائصِ مصطفي
- ✿... شانِ مصطفي ۾ قرآني آيتون
- ✿... دُعاء مصطفي جون برڪتون
- ✿... ايمان افروز معجزاتِ مصطفي

پيشڪش

**مجلس المدينة العلميه (شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)**

## ترجمو:

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معجزو ٻڌجي آيو اسان جو نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي تہ اعتڪاف جي نيت ڪندا ڪيو تہ جيئن اعتڪاف جو ثواب ملندو رهي ۽ ضرورت پوڻ تي کائڻ، پيئڻ، سمهڻ وغيره بہ جائز ٿي وڃي. هتي هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکو تہ اعتڪاف جي نيت کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)** جيڪڏهن ممڪن هجي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري 12 پيرا درودِ پاڪ پڙهي وٺو يا ٻيو ڪو نيڪ ڪم ڪيو. انشاءَالله ثواب وڌندو رهندو ۽ مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ وغيره بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

هڪ شخص جو بيان آهي: مون کان هڪ رات نماز پڙهندي تَشهُّد ۾ بيڪسن جي مددگار، دوعالم جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پڙهڻ وسري ويو، مون تي ننڊ جو غلبو ٿيو ۽ مان سمهي پيس. خواب ۾ آقاءِ دوجهان، سرورِ ذيشان جو ديدار نصيب ٿيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: تُون اڄ اسان تي درود پڙهڻ وسري وئين. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان الله پاڪ جي ثناء ۾ مشغول هيس. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: چا

توکي معلوم ناهي تہ مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ بنا الله پاڪ پنهنجي ثناء بہ قبول ناهي فرمائيندو، هُو اهڙي ڪا دعا قبول ناهي فرمائيندو جنهن ۾ مون تي درود پاڪ نہ موڪليو ويو هجي ۽ ڪا حاجت پوري ناهي فرمائيندو جيستائين مون تي درود شريف نہ موڪليو وڃي، ڇا تو الله پاڪ جو هيءُ فرمان ناهي ٻُڌو؟

صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

**تَرجموڪنزُالعرفان:** ان (محبوب) تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. (پ22،الاحزاب:56)[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جہاں کے مولا جہاں کے سرور سلام تُم پر سلام تُم پر
طبیبِ عالم حبیبِ داوَر، سلام تُم پر سلام تُم پر
تمہاری نورانیت سے اب تک ہیں عالمِ نور، دونوں عالم
تمہیں تو ہو نورو نورِ پیکر سلام تم پر سلام تم پر [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**مسئلو:** جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

1 حکایتیں اور نصیحتیں ،ص۶۱۷

2... نغمۂ روح،از:بہزاد لکھنوی،ص۱۴۱، پاکستان کوآپریٹو بک سوسائٹی، کراچی

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ سنين سنين نيتن سان اوّل کان آخر تائين بيان ٻُڌو ❁ پوري توجهہ سان بيان ٻڌڻ جي نيت ڪيو ❁ اَدب سان ويهڻ جي نيت ڪيو ❁ جيڪڏهن قلم ۽ ڊائري اوهان وٽ آهي تہ اهم نڪتا نوٽ ڪرڻ جي بہ نيت ڪري وٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** سڀ کان پهريان تہ اسان کي الله پاڪ جو لک لک شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو جنهن اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر 12ربيع الاول جي مقدس نوراني رات نصيب فرمائي. اَڄُوڪي رات وڏي رات آهي. هي رات وڏي عظيم الشان رات آهي. هي رات وڏي فضيلتن ۽ برڪتن واري مقدس رات آهي. هي اها رات آهي جنهن کي ڪائنات جي سڀ کان وڏي شان ۽ شوڪت واري هستي سيد الانبياء، **تاجدارِ عالم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت آهي. هي اها رات آهي جو جنهن ۾ **حضرت آمنہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مڪانِ رحمت مان اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄي عالم کي چمڪائي ڇڏيو. هي اها رات آهي جنهن ۾ هر طرف خوشين جو سمان ڇانئجي ويو. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ هر طرف نور جي روشني ڦهلجي وئي. هي اها رات آهي جنهن ۾ ڪفر ۽ شرڪ جا انڌيرا ختم ٿي ويا. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ مؤمنن تي احسانِ عظيم ڪيو. هي اها رات آهي جنهن ۾ شيطان پنهنجي ساٿين سميت خوار ٿيو. هي اها عظيم رات آهي جو هن رات آسمان جا تارا بہ زمين جي طرف مائل ٿيڻ لڳا. هي اها رات آهي جيڪا تمام راتين جي سردار آهي. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ مڪانِ آمنہ مان اهڙو نور چمڪيو جهن سان اوڀر ۽ اولهہ روشن ٿي ويا. هي اها رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان ملائڪن جي سردار جبرائيل امين اوڀر ۽ اولهہ ۽ خانہ ڪعبہ تي جهنڊا لڳايا.

(خَصائصِ کبریٰ، ۸۲/۱ ملخصاً) هيءَ اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي محبوب جي تشريف آوري تي ايران جي بادشاهه ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو ۽ ان جي محل ۾ ڏار پئجي ويا، هيءَ اها عظيم رات آهي جنهن ۾ ايران جو هڪ هزار سالن کان ٻرندڙ آتش ڪدو ٺاڻهي وسامي ويو. هيءَ اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنت جا دروازه کوليا ويا. هيءَ اها عظيم رات آهي جنهن ۾ آسمان مان نور جون بارشون ٿيڻ لڳيون. هي اها رات آهي جنهن ۾ ملائڪن ٻه، بيبي آمنہ جي دلبر جي آمد جون خوشيون ملهايون. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ تاجدارِ حرم، شهنشاهِ عرب و عجم، شفع امم، نورِ مجسم، رحمتِ عالم، نبي محتشم، شاهِ بني آدم، سراپا جود و ڪرم، دافعِ رنج و الم، سيدالانبياء، جنابِ احمد مجتبيٰ، محمد رَّسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا جي تشريف آوري ٿئي ۽ اهي مجسمِ رحمت هن ڪائنات ۾ تشريف ڪٺي آيا تہ ڪفر ۽ شرڪ ختم ٿيڻ لڳو. مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇا خوب فرمائن ٿا:

سحابِ رحمتِ باری ہے بارھویں تاریخ کرم کا چشمۂ جاری ہے بارھویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارھویں تاریخ عَدُو کے دل کو کٹاری ہے بارھویں تاریخ
اسی نے موسمِ گُل کو کیا ہے موسمِ گُل بہارِ فصلِ بہاری ہے بارھویں تاریخ
ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارھویں تاریخ
فلک پہ عرشِ بریں کا گُمان ہوتا ہے زمینِ خُلد کی کیاری ہے بارھویں تاریخ
تمام ہوگئی میلادِ انبیا کی خوشی ہمیشہ اب تِری باری ہے بارھویں تاریخ
دلوں کے میل دُھلے گُل کِھلے سُرُور ملے عجیب چشمۂ جاری ہے بارھویں تاریخ
چڑھی ہے اَوج پہ تقدیر خاکساروں کی خُدا نے جب سے اُتاری ہے بارھویں تاریخ

خُدا کے فضل سے ایمان میں ہیں ہم پورے — کہ اپنی روح میں ساری ہے بارہویں تاریخ
ولادتِ شہِ دیں ہر خُوشی کی باعث ہے — ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُو نے غلاموں کے دل کئے ٹھنڈے — جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حَسَن ولادتِ سرکار سے ہوا روشن — مرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ

(ذوقِ نعت، ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان ٻڌو ته اَڄُ جي رات اها عظيم رات آهي جنهن ۾ نور وارا آقا، مکي مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نور جي خيرات ورهائڻ ۽ جهان کي پنهنجي نور سان جڳمڳائڻ لاءِ هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا. اچو! بيان ڪان پهريان عاشقِ ماهِ ميلاد ۽ عاشقِ ماهِ رِسالت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا، ٿي سگهي ته مدني پرچم بلند ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يامصطفيٰ جي ڌُوم مچايو.

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي — مرحبا يا مصطفي — مرحبا يا مصطفي — مرحبا يا مصطفي
مرحبا يا مصطفي — مرحبا يا مصطفي — مرحبا يا مصطفي — مرحبا يا مصطفي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَڄ اسان جي بيان جو موضوع آهي”معجزو بڻجي آيو اسان جو نبي(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)“. جنهن ۾ اسان رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت ۽ ولادت جي وقت ظاهر ٿيڻ وارن معجزن ۽ سندن جي مختلف معجزن جي باري ۾ ٻڌنداسين.

يقيناً هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نبي آخر الزّمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام نبين جا بہ نبي آهن. ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مقدسہ تمام نبين جي مقدس زندگين جو خلاصو آهي ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالمِ ڪائنات ۾ اولين ۽ آخرين جي تمام قومن جي طرف نبي بڻجي آيا. انڪري اللّٰه پاڪ پاڻ ڪريمصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي کي گذريل نبين جي سيني معجزن جو مجموعو بڻايو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي طرحين طرحين جي اهڙن بيشمار معجزن سان سرفراز فرمايو، جيڪي هر طبقي، هر ٽولي، هر قوم ۽ تمام اهلِ عرب جي مزاج جي لاءِ ضروري هئا. (سيرتِ مُصْطفٰے، ص۷۱۲ تا۷۱۴،ملخصًا و ملتقطاً )

انهيءَ ڪان علاوه اللّٰه پاڪ پنهنجي آخِري پيغمبر، شَفيعِ مَحْشر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙا بيشُمار مُعْجِزَا بہ عطا فرمايا جيڪي سندن جا خَصائص سڏيا ويندا آهن. يعني هي سندن جا اهي ڪمالات ۽ مُعْجِزَات آهن، جيڪي ڪنهن ٻي نَبي ۽ رَسُول کي عَطا ناهن ڪيا ويا. (سيرتِ مُصْطفٰي ،ص۸۲۰ملخصاً) علماءِ ڪرام سندن مقدس عضون مان ظاهر ٿيڻ وارا ڪيئي معجزا بيان فرمايا آهن. ٻيا انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام معجزات ڪٺي ايندا ها جڏهن تہ اسان جو نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ معجزو بڻجي ڪري تشريف وٺي آيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، دوعالم جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزات بي شمار آهن، اللّٰه پاڪ پنهنجي عطا سان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو زبردست اختيار ۽ قُوت عطا فرمائي آهي جو جنهن جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي.”اللّٰه

پاڪ جي عطا سان“ سندن آڱر جي اِشاري سان چنڊ جا ٻه ٽڪڙا ٿيا، ”الله پاڪ جي عطا سان“سندن دُعا فرمائي ته لٽل سج موٽي آيو،”الله پاڪ جي عطا سان“ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻي ۾ پٿر کي تاري ڇڏيو”الله پاڪ جي عطا سان“ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪانيون بلب جيان روشن فرمائي ڇڏيون.”الله پاڪ جي عطا سان“پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لعابِ دهن (يعني ٿُڪ مبارڪ) وجهي کري کوهه جي کاري پاڻي کي مٺو کري ڇڏيو.”الله پاڪ جي عطا سان“ پاڻ آڱرن مان پاڻيءَ جا چشما وهائي ڇڏيا، ”الله پاڪ جي عطا سان سندن“ شَجَر و حَجَر (يعني وڻن ۽ پٿرن) سان ڪلام ڪيو ،”الله پاڪ جي عطا سان“وڻ سندن جي بارگاهه ۾ حاضريءَ لاءِ آيو.”الله پاڪ جي عطا سان“ ٿورڙو کير ستر(70) ماڻهن کي ڪافي ٿي ويو.”الله پاڪ جي عطا سان“ ٿورو کاڌو وڏي جماعت جي ڪفايت ڪري ويو، ”الله پاڪ جي عطا سان“پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت سان جانور انساني ٻولي ڳالهائڻ لڳا. الغرض! الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي سراپا معجزو بڻائي موڪليو آهي، جيئن ته سپاري 4 سوره نساء آيت نمبر 174 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَاَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿۱۷۴﴾

(پ6،النساء:174)

**ترجمو ڪنزُالعرفان:** اي انسانو بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب طرفان واضح دليل آيو ۽ اسان توهان جي طرف روشن نور نازل ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** **الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ حضور** عَلَيْهِ السَّلَام **جي ڪيترن ئي** عضون مبارڪن جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان حق تعاليٰ جي ڪمال محبت ۽ عنايت پائي وڃي ٿي.

سيپارو27، **سُوْره نَجْم جي آيت نمبر** 11 ۾ **قلبِ مبارڪ جو ذڪر ٿئي ٿو.**

مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾

**ترجُموڪنزُالعرفان: دل ان جو انڪار نہ ڪيو جيڪو(اک) ڏٺو.**

(پ27،النجم:11)

**سيپاري** 19، **سُوْره شُعَرَا جي آيت نمبر** 194,193 **۾ اِرشاد ٿئي ٿو.**

نَزَلَ بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ ﴿۱۹۳﴾ عَلٰى قَلْبِكَ

**ترجموڪنزُالعرفان: هن کي روح الامين کڻي نازل ٿيو اوهان جي دل تي.**

(پ19، الشعراء:193-194)

سيپارو 2 سُورةُ الْبَقَرَه آيت نمبر 144 ۾ چهري مبارڪ جو ذڪر هيئن ٿئي ٿو:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ

**ترجُموڪنزُالعرفان:** اسان اوهان جي چهري جو آسمان ڏانهن باربار کڻڻ ڏسي رهيا آهيون. (پ2، البقرة:144)

جڏهن تہ سيپاري 30 سوره الم نَشْرَح جي ابتدائي آيتن ۾ سيني مبارڪ ۽ پٺي مبارڪ جو ذڪر هيئن فرمايو:

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ۙ﴿۱﴾ وَ وَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ۙ﴿۲﴾ الَّذِیْۤ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ۙ﴿۳﴾

**ترجموڪنزُالعرفان:** ڇا اسان تنهنجي خاطر تنهنجو سينو ڪشادو نہ ڪيو. ۽ اسان تنهنجي مٿان ڪان تنهنجو بار لاهي ڇڏيو. جنهن تنهنجي پٺي ڀڃي ڇڏي هئي.

(پ30، الم نشرح:1تا3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اچو! هاڻي پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي ڪجھ مقدس عضون** جي متعلق **قرآني آيتن** ۽ عضون مبارڪن مان ظاهر ٿيڻ وارا معجزا ٻڌون ٿا:

سيپاري 27، سُوْره نَجْم جي آيت نمبر3 ۾ **زبان مبارڪ** جو ذڪر ٿئي ٿو ۽ ارشاد ٿئي ٿو:

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ؕ﴿۳﴾

**ترجُموڪنزُالعرفان:** ۽ اهو ڪا ڳالھ پنهنجي خواهش سان نہ ٿو چوي.

(پ27،النجم:3)

سيپاري 25،سُوْره دُخان جي آيت نمبر58 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ

**ترجُموڪنزُالعرفان:** پوءِ اسان هن قرآن کي تنهنجي زبان ۾ آسان ڪري ڇڏيو. (پ25، الدخان:58)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اها زبان جنهن کي سڀ ڪُن جي ڪُنجي چون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي بہ زبان آهي ۽ اسان جي آقا مديني واري مصطفيٰ

صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان آهي، اسان جي زبان جو ڇا حال آهي اهو اسان ڄاڻون ٿا، جڏهن ته اسان جي نور واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان ڪهڙي آهي؟. اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

وہ زباں جس کو سب کن کی کنجی کہیں

اُس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش، ۳۰۲)

يعني اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبانِ مبارڪ تقديرِ الٰهي جي چاٻي آهي. جيئن جيئن اها مبارڪ زبان هِلندي ويندي آهي، واقعات تيئن ئي ٿيڻ لڳندا آهن. اُن زبانِ مبارڪ جا ڪمالات ڏسي ڪري چَوڻُو پوي ٿو ته ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ تي ان جي حڪومت آهي ۽ اهڙي حڪومت تي لکين سلام هجن.

**اي عاشقانِ ميلاد!** حضور سراپا نُور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ ۽ سندن پاڪ يعني لُعابِ دَهن (ٿُڪ مبارڪ) مان ڪهڙا ڪهڙا معجزا ظاهر ٿيا، اچو ٻڌون ٿا:

## (1) زبان مُبارڪ جي حڪم سان ٻار تندرست ٿي ويو.

حضرت اُسامه بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ جو بيان آهي، فرمائن ٿا: اسان ٻه عالم جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدَني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ حج جي لاءِ نڪتاسين ۽ جڏهن وادي رَوْحا ۾ پهتاسين ته رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ عورت کي ڏٺو جيڪا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرف اچي رهي هئي، اهو ڏسي ڪري نبيِ رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي سواري روڪي ڇڏي ۽ جڏهن اها عورت ويجهو آئي ته ان عرض ڪيو يَارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي منهنجو ٻارُ جڏهن کان پيدا ٿيو آهي، هيءُ بيمار ئي رهي ٿو اهو ٻڌي ڪري رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ٻار کي کڻي ڪري پنهنجي اڳيان ويهاريو ۽ ان جي منهن ۾ لُعابِ دَهن مُبارڪ وڌو ۽ فرمايو: اُخۡرُجۡ عَدُوَّاللهِ فَاِنِّ

رَسُولُ الله يعني اي الله پاڪ جا دشمن نڪري وڃ چو ته مان الله پاڪ جو رسول آهيان. اهو فرمائي ڪري اهو ٻار ان جي ماءُ کي ڏئي ڇڏيو ۽ فرمايو: هن کي وٺي وڃ هاڻ هن کي ڪا تڪليف نه ٿيندي، حضرت اُسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن اسان حج کان فارغ ٿي ڪري وادي رَوْحا ۾ پهتاسين ته اها عورت هڪ ٻُڪل ٻڪري ڪٺي ڪري حاضر ٿي وئي ته حبيبِ خدا، محبوبِ ڪِبريا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻيبي هن ٻڪري جو هڪ ٻازو مون کي ڏي، ان حاضر ڪري ڇڏيو پوءِ فرمايائون: ٻيو ٻازو به ڏي، ان حاضر ڪيو پوءِ فرمايو: اجان ٻازو ڏي ته ان عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڪري جا ٻه ئي ٻازو ٿيندا آهن، اهي مون حاضر ڪري ڇڏيا آهن اهو ٻڌو ڪري پياري آقا، مديني واري مُصْطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي خاتون! جيڪڏهن تُون چُپ رهين ها يعني اهو نه چوين ها ته ٻازو ٻه ئي هوندا آهن ته جيسيتائين مان چوندو رهان ها ايسيتائين تون مون کي ٻازو ڏيندي رهين ها. (الخصائص الكبرىٰ، باب ما وقع في حجة الوداع۔۔الخ، ۶۰/۲)

ایسا تجھے خالق نے طرح دار بنایا — یُوسُف کو تیرا طالبِ دِیدار بنایا
کونَین بنائے گئے سرکار کی خاطر — کونَین کی خاطر تمہیں سرکار بنایا
عالَم کے سلاطین بھکاری ہیں بھکاری — سرکار بنایا تمہیں سرکار بنایا
کُنجی تمہیں دی اپنے خزانوں کی خدا نے — محبوب کیا مالک و مختار بنایا

(ذوقِ نعت، ص47، 48)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ٻار جو سڙيل هٿ ٺيڪ ٿي ويو

اي عاشقانِ رسول! اچو هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا: حضرت محمد بن حاطب پنهنجي والده اُمِ جميل کان روايت ڪن ٿا ته منهنجي والده مون کي ٻڌايو ته مان توکي وٺي ڪري حبشه کان اچي رهي هيس ۽ جڏهن مدينه منوره کان هڪ

ڏينهن جو فاصلو رهجي ويو ته مون هڪ جڳهه ڪاڏو پچايو، انهيءَ دوران ٻارڻ ختم ٿي ويو، مان ڪاٺيون ڪَرڻ ويس ته تو ديڳڙيءَ کي ڇڪيو ۽ اها ديڳڙي تنهنجي مٿان ڪِري پئي ۽ تنهنجي ٻانهن سڙي پئي، مون توکي وٺي شفيق ۽ ڪريم آقا، رحمدل ۽ رحيم آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، اهو ڏسي ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهنجي ٻانهن تي لُعابِ دهن مبارڪ وِڌو ۽ ڪجھ پڙهي ڪري دم ڪيو، مان توکي کڻي آيس ته تنهنجو هٿ بلڪل تندرست هيو.

(ابن حبان، کتاب الجنائز، باب المریض۔۔الخ، ۲۷۳/۴، حدیث:۲۹۶۶)

عرشِ حق ہے مسندِ رِفعت رَسُولُ اللّٰہ کی ‏ دیکھنی ہے حشر میں عزت رَسُولُ اللّٰہ کی

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے ‏ جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رَسُولُ اللّٰہ کی

لَاوَرَبِّ الْعَرْش جس کو جو مِلا اُن سے ملا ‏ بٹتی ہے کونین میں نعمت رَسُولُ اللّٰہ کی

(حدائقِ بخشش، ص۱۵۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) وڻ قدمن ۾

هڪ اعرابي (يعني عرب جو ڳوٺاڻو) رسولِ عربي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يَارَسُوْلَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اسلام قبول ڪري چڪو آهيان، اوهان ڪا اهڙي نشاني ڏسيو جيڪا منهنجي يقين کي وڌائي ڇڏي. اهو ٻڌي محبوبِ ڪبريا، بادشاهِ ارض و سما صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا ڏسڻ چاهين ٿو؟ عرض ڪيو توهان هن وڻ کي هيڏانهن سڏيو، ارشاد فرمايو: وڃ ۽ اُن وڻ کي وڃي چئو ته توکي الله پاڪ جو رسول سڏي ٿو، جيئن ئي اها ڳالھ اعرابي وڻ کي چئي، اهو هڪ طرف جھڪيو ۽ پوءِ ساڄي کاٻي اڳتي پوئتي مُڙي ڪري ان پنهنجون پاڙون ٽوڙيون ۽ پاڙون گهِليندو زمين چيريندو حاضر ٿي ويو ۽ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون بيهي ڪري عرض ڪرڻ لڳو اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰه. اهو ڏسي ڪري ان اعرابي چيو: يَارَسُوْلَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بس اهو

ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڻ کي حڪم ڏنو ته اهو واپس هليو وڃي، حڪم ملندي ئي اهو واپس هليو ويو. اهو ڏسي ڪري اعرابي عرض ڪيو: يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اجازت ڏيو ته مان اوهان جي هٿ مبارڪ ۽ پيرن مبارڪن کي چمان؟ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اجازت ڏني ۽ ان دَسْت بوسي ۽ قدم بوسي جي سعادت حاصل ڪئي. پوءِ اهو اعرابي عرض ڪرڻ لڳو: اوهان مون کي ان ڳالهه جي به اجازت ڏيو ته مان اوهان کي سجدو ڪيان؟ اهو ٻڌي ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: نه! الله پاڪ کان سِوا ڪنهن ٻي جي لاءِ سجدو ناهي. (الخصائص الکبریٰ، باب الآیة في قدوم الاعرابي، ۲/۵۹)

جن کو سُوئے آسماں پھیلا کے جل تھل بھر دیے
صَدقہ اُن ہاتھوں کا پیارے ہم کو بھی درکار ہے

چاند شق ہو پیڑ بولیں جانور سجدے کریں
بارَک اللہ مرجعِ عالم یہی سرکار ہے

(حدائق بخشش،ص ۱۷۶)

## (4) دعا جي برڪت سان ايمان قبولي ورتو

اي عاشقانِ صحابه و اهلبيت! اچو هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا، جيئن ته حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: منهنجي امڙ اسلام جي دامن کان دُور هئي، مان اُن کي اسلام جي دعوت ڏيندو هيس مگر هوءَ مڃيندي نه هئي، هڪ ڏينهن جڏهن ته مون پنهنجي والده کي اسلام جي دعوت ڏني ته ان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ اهڙي ڳالهه چئي جنهن کي مان ٻڌي نه ٿي سگهيس، مان اتان ڊوڙي نڪتس ۽ نبيِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ روئندو اچي حاضر ٿيس. رسولِ اڪرم، نوُرِمجسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ابوهريره ڇا ٿيو؟ مون ماجرو ٻڌائي عرض ڪيو: يَارَسُوْل الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي والده جي لاءِ

هدايت جي دعا فرمايو، اهو ٻُڌي ڪري اُمّت تي مهربان، ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ حق ترجمان سان هيئن دعا ڪئي. اَللّٰهُمَّ اهْدِ اُمَّ اَبِيْ هُرَيْرَةَ يعني ياالله! ابوهريره جي امڙ کي هدايت عطا فرما. هيءَ دعا ٻڌي ڪري مان خوشيءَ مان واپس ڊوڙيس ۽ جڏهن مان دروازي تي پهتس ته دروازو بند هيو، جڏهن منهنجي والده منهنجي پيرن جي آهٽ ٻُڌي ته زور سان فرمايو: ابوهريره بيهي رهه! جڏهن مان بيهي رهيس ته مان پاڻي ڪرڻ جو آواز ٻڌو، مان سمجهي ويس ته والده غسل ڪري رهي آهي، انهن غسل ڪري جلدي دروازو کولي ڪري چيو: اي ابوهريره شاهد ٿي وڃ ته "اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُوْلُهٗ" هي ٻُڌي ڪري مان واپس خوشيءَ مان روئندو دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري قصو عرض ڪريو ته سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي حمد بيان ڪئي ۽ فرمايو: تمام سنو ٿيو.

(مسلم، كتاب فضائل الصحابه، باب من فضائل أبي هريرة ،ص١٠٣٩، حديث:٦٣٩٦)

## (5) دعا فرمائي ته مال اولاد ۾ برڪت ٿي وئي

اچو! هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا: حضرت اُمِّ سُلَيم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا پنهنجي پٽ حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي وٺي دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيون، ۽ عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله هي منهنجو پٽ توهان جو خادم آهي، تنهنڪري هن جي لاءِ دعا فرمايو، ٻڌي ڪري حبيبِ مڪرم، شفيعِ مُعظّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمائي: اَللّٰهُمَّ اَكْثِرْ مالَه وَوَلَدَه وَبارِكْ لَه فِيْمَا اَعْطَيْتَه يعني ياالله! انس جي مال ۾ اضافو فرماءِ ۽ ان جي اولاد وڌيڪ ڪر ۽ جيڪو تُو ان کي عطا فرمايو آهي، ان ۾ برڪت ڏي. (ترمذي، كتاب المناقب، باب مناقب أنس بن مالك رضي الله عنه، ٥/ ٤٥٠، حديث:٣٨٥٥)

مڪي مديني جي تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هيءَ دعا اهڙي مقبول ٿي جو حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ بصره ۾ اهي آخري صحابي هيا جن جو وصال ٿيو. ۽ خود حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي عمر سو سال کان وڌيڪ ٿي. ۽ چيو وڃي ٿو ته سندن اولاد جو تعداد سؤ کان مٿي هئي. حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو

هڪ باغ هيو، عام باغن ۾ سال ۾ هڪ دفعو ميوو لهندو آهي جڏهن ته حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي باغ ۾ سال ۾ ٻه دفعا ميوو لهندو هيو، ۽ سندن باغ ۾ هڪ گُل هيو جنهن مان مشڪ جهڙي خوشبوء ايندي هئي.

(مرقاۃ شرح مشکوۃ، ۲۹۲/۱۰ تحت الحدیث:۵۹۵۲)

## اعليٰ حضرت چا ته خوب فرمائن ٿا:

مکاں عرش اُن کا فلک فرش اُن کا ملک خادمانِ سَرائے مُحَمَّد

خدا کی رضَا چاہتے ہیں دو عَالم خدا چاہتا ہے رضائے مُحَمَّد

دمِ نزع جاری ہو میری زباں پر مُحَمَّد مُحَمَّد خدائے مُحَمَّد

اجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا دلہن بن کے نِکلی دُعائے مُحَمَّد

اجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا بڑھی ناز سے جب دُعائے مُحَمَّد

(حدائق بخشش،ص ٦٥، ٦٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هٿ مبارڪ جا معجزا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هاڻي اسان پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زبان جا ڪجھ معجزا ٻڌا، اچو! هاڻي سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿن جي متعلق **آيتِ قرآني** ۽ ان کان پوءِ ان **مبارڪ هٿن جا ڪجھ** معجزا به ٻڌون ٿا:

**جيئن ته سيپاري 9، سُوْره اَنْفَال، آيت نمبر17 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:**

وَمَا رَمَیْتَ اِذْ رَمَیْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ

**تَرجموڪنزُالعرفان:** ۽ اي حبيب جڏهن توهان خاڪ اڇلائي ته توهان نه اڇلائي

هئي بلڪ **اللّٰه** اڇلائي هئي. (پ9، الانفال:17)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (1) دستِ مصطفيٰ جي برڪت

صحابي رسول حضرت عُتْبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي زماني ۾ مُوصَل شهر کي فتح ڪيو ويو هيو، سندن جي گهر واري بيبي اُمُّ عاصم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا بيان ڪن ٿيون ته حضرت عتبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جون اسان چار گهر واريون هيون سين، اسان مان هر هڪ وڌيڪ ۾ سٺي خوشبوء لڳائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته جيئن ٻئي کان وڌيڪ خوشبودار ٿئي. جڏهن ته حضرت عتبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي ڏاڙهي ۾ تيل ته لڳائيندا ها پر ڪا خوشبوء استعمال نه ڪندا ها، ان جي باوجود به حضرت عتبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي جسم مان هر وقت اسان کان وڌيڪ ۾ گهٽي عمده خوشبو ايندي رهندي هئي. جڏهن حضرت عتبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ٻاهر نڪرندا هيا ته ماڻهو چوندا ها اسان حضرت عتبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي لڳايل خوشبو کان وڌيڪ سٺي ڪا خوشبوء ناهي سِنگهي. هڪ ڏينهن مون سندن کان پڇيو ته اسان سٺي خوشبوء استعمال ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪنديون آهيون، پر اسان کان وڌيڪ خوشبودار ته توهان آهيو. ان جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ جواب ڏنائون ته رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عهد مبارڪ ۾ منهنجي بدن تي ڦوڙا نڪتا، مان خدمتِ نبوي ۾ حاضر ٿيس. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن بيماري جي شڪايت ڪئي. رَسُولُ **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو ته ڪپڙا لاهيو. مون سَتْر(يعني ڇپائڻ جي جڳهه) کان علاوه ڪپڙا لاهي ڇڏيا ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ويهي رهيس. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ٻنهي مبارڪ ترين ۾ دم ڪري منهنجي جسم تي ڦيري ڇڏيون، انهيءَ وقت کان منهنجي جسم مان خوشبوء مهڪندي رهي ٿي. (معجم صغير، ۳۹/۱)

ڪنهن شاعر ڇا ته خوب چيو ته

میں مدینے کی گلیوں کے قرباں جن سے گزرے ہیں شاہِ مدینہ
اس طرح سے مہکتے ہیں رستے عطر جیسے لگائے ہوئے ہیں

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد**

## (2) عطاءِ مصطفيٰ

**اي عاشقانِ ميلاد! اچو! سرڪارِ دوعالم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مبارڪ هٿن جي برڪت جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا:**

**جيئن تہ صحابيِ رسول حضرت جابر بن عبدالله** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **فرمائن ٿا: مان رَسُوۡلُ الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سان گڏ غزوه ''ذَاتُ الرِّقَاع'' ۾ ويس، جڏهن واپسي ٿي تہ چو تہ منهنجو اُٺ ڪمزور ۽ لاغر (ڏُٻرو) هيو، جنهن ڪري مان بار بار لشڪر کان پوئتي رهجي ٿي ويس، هڪ مقام تي حضور** عَلَيۡهِ السَّلَام **مون کي فرمايو: اي جابر! ڇا ڳالهہ آهي جو تون پوئتي رهجي وڃي ٿو؟ مون عرض ڪيو: يَارَسُوۡلَ الله** (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) **منهنجو اُٺ لاغر(ڏٻرو) آهي، هو لشڪر جي سوارين سان گڏ هلي نٿو سگهي، حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **فرمايو: هن کي ويهار، مون اُٺ کي ويهاريو تہ فرمايائون: ڪنهن وڻ مان هڪ لڪڻ ڀڃي مون کي ڏي، مون هڪ ڪاني حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي خدمت ۾ پيش ڪئي، پوءِ پاڻ فرمايائون: هاڻي تُون اُٺ تي سوار ٿي، مان سوار ٿي ويس. حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اهو لڪڻ اُٺ کي ٽي چار ڀيرا هنيو، پوءِ اهو اُٺ ايترو تيز ٿي ويو جو مجاهدن جي سنڻ سنڻ تيز اُنن کان بہ اڳتي نڪري ويندو هو، مان اُٺ جي رفتار کي گهٽ ڪندي حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي برابر هلندو رهيس ۽ حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سان ڪچهري ڪندو رهيس، اچانڪ حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **فرمايائون: اي جابر! تون اهو اُٺ منهنجي هٿ وڪڻندين؟ مون عرض ڪيو: يَارَسُوۡلَ الله!** (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) **مان هي بنا معاوضي جي توهان جي نذر ڪيان ٿو، فرمايائون: ايئن نہ، فروخت ڪيو، مون عرض ڪيو: يَارَسُوۡلَ الله** (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) **تہ پوءِ**

ان جي قيمت بہ توهان ئي ٻڌايو، فرمايائون: هڪ درهم ۾ وٺندس، مون عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله !(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هي تہ تمام ٿوري قيمت آهي، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اڇا بہ درهم وٺو، مون عرض ڪيو: هي بہ گهٽ آهي ايسيتائين جو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌائيندي وڌائيندي هڪ اوقيہ (چاليهہ درهمن جي برابر) تائين پهتا، مون عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ قيمت تي توهان راضي آهيو؟ فرمايائون: هائو مان راضي آهيان، مون عرض ڪيو: تہ پوءِ هي اُٺ توهان جو ٿي ويو، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي اُٺ مون خريد ڪري ڇڏيو، جڏهن اسان مديني پهچي وياسين تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر تشريف وٺي ويا ۽ مان پنهنجي گهر اچي ويس، اڳئين صبح مان اهو اُٺ گهران ڪاهي ڪري روانو ٿيس، اُٺ کي مسجدِ نبوي جي دروازي تي ٻڌي ڪري مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ آيس ۽ ويهي رهيس، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي آيا تہ دريافت فرمايائون: هي اُٺ ڪيئن آيو؟ ماڻهن عرض ڪيو:يَارَسُوْلَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي اُٺ جابر ڪاهي آيو آهي، فرمايائون: جابر ڪٿي آهي؟ جڏهن مان حاضر ٿيس تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي منهنجي ياءَ جا پٽ اٺ کي ڪاهي وڃ هي تنهنجو ئي آهي ۽ پوءِ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايو: جابر کي وٺي وڃ ۽ هن کي هڪ اوقيہ ڏئي ڇڏ، حضرت بلال مون کي هڪ اوقيہ (چاليهہ درهمن جي برابر)کان بہ ڪجهہ وڌڪ ڏئي ڇڏيو، ان ڏينهن کان پوءِ منهنجي مال ۾ ايتريقدر برڪت ٿئي جو مان تمام وڏو مالدار ٿي ويس. (سيرت ابن ہشام، غزوة ذات الرقاع في سنة اربع، ص۳۸۴)

واہ کیا جُود و کرم ہے شہِ بطحا تیرا
"نہیں" سنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا
فیض ہے یا شہِ تسنیم نرالا تیرا
آپ پیاسوں کے تجسّس میں ہے دریا تیرا
آسماں خوان، زمیں خوان، زمانہ مہمان
صاحبِ خانہ لقب کس کا ہے تیرا تیرا
میں تو مالک ہی کہوں گا کہ ہو مالک کے حبیب
یعنی محبوب و مُحِبّ میں نہیں میرا تیرا
(حدائق بخشش،ص۱۵، ۱۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول! انهن معجزن کان علاوه بہ ڪيئي معجزا پاڻ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي هٿن مان ظاهر ٿيا. پاڻ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جنهن چهري تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيري ڇڏيندا ها تہ چهرو نور نور ٿي ويندو هو، اچو اهڙي طرح جا ٿي معجزا ٻڌون ٿا:**

## (3) گهر روشن ٿي ويو

(1) **حضرتِ سَيِدُنا اَسِيد بن اَبي اناس** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ **فرمائن ٿا: رسول ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هڪ ڀيري منهنجي چهري ۽ سيني تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيريو، ان جي بَرَڪت هي ظاهر ٿي تہ مان جڏهن بہ ڪنهن اونداهي گهر ۾ داخِل ٿيندو هيس، اهو گهر روشن ٿي ويندو هو.** (الخَصائِصُ الكبْري،٢ /١٣٢وتاريخ دمشق،٢١/٢٠)

## (4) دستِ مبارڪ جي برڪت

(2) **حضرت عائذ بن سعيد جسري** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ **رسولُ الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اوهان منهنجي چهري تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريو ۽ برڪت جي دُعا ڪريو، حضورِ انور، رسولن جي افسر**صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ائين ئي ڪيو (يعني اُن جي چهري تي هٿ ڦيريائون ۽ برڪت لاء دُعا ڪيائون) اُن وقت کان حضرت عائذ** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه **جو چهرو ترو تازه ۽ نوراني رهندو هو.**

(الاصابه في تمييز الصحابه،عائذ بن سعيد ،٣/٤٩٣،رقم ٤٤٦٢)(سيرتِ رسولِ عربي صفحه٢٦٥)

## (5) چهرو چمڪندو هو

(3) **حضرت ابو سِنان عبدي صباحي**رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه **جي چهري تي رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريائون، انهن جي عمر 90 سال جي ٿي وئي پر سندن جو چهرو بجلي جيان چمڪندو هو.**

(الاصابه في تمييز الصحابه،ابو سنان العبدي ثم الصباحي ،١٦٤/٧،رقم١٠٠٦٦)

میں گدا تُو بادشاہ بھر دے پیالہ نور کا　　نور دن دُونا ترا دے ڈال صدقہ نور کا
تاج والے دیکھ کر تیرا عمامہ نور کا　　سر جھکاتے ہیں الٰہی بول بالا نور کا
جو گدا دیکھو لیے جاتا ہے توڑا نور کا　　نُور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

(حدائق بخشش،ص:۲۴۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چشمانِ مقدس (مبارڪ اکين) جا معجزا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هينئر اسان ٻارهينءَ واري مصطفيٰ، بادشاهِ ارض و سما صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي مبارڪ هٿن جا چند معجزا ملاحظہ ڪياسون، اچو! هاڻي** **حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي چشمانِ اقدس يعني مبارڪ اکين جي متعلق آيت قرآني ۽ ان مبارڪ اکين جا** معجزا بہ ٻڌون ٿا .

**سيپارو 27، سُوْره نَجْم جي آيت نمبر17 ۾ اکين مبارڪ جو ذڪرٿئي ٿو:**

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰی ﴿۱۷﴾

**ترجموڪنزُالعرفان:** اک نہ ڪنهن طرف ڦري ۽ نہ حد کان وڌي.

(پ27، النجم:17)

روايت آهي تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جون مُبارڪ اکيون وڏيون ۽ قُدرتِ الٰهي سان سُرمي ڀاتل هيون، مبارڪ پنبڻ ڊگها هئا، جڏهن تہ اکين جي سفيدي ۾ سنهڙا سُرخ ڏورا هوندا هيا، جنهن سان حُسن اجا وڌي ويو.** (سيرتِ رسول عربي، ص۲۵۱). **پاڻ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جنهن شخص تي انهن مُبارڪ اکين سان نظر فرمائي ڇڏيندا ها تہ ان جا سُتل نصيب جاڳائي ڇڏيندا ها.** جيئن تہ

## (1) جڏهن اچي ويون آهن جوشِ رحمت تي اُن جون اکيون

حضرت سيِّدُنا شيبه بن عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پنهنجي ايمان آڻڻ جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا ته جڏهن نبي ڪريم (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) غزوه حُنَيْن ۾ شريڪ ٿيا ته مون کي خيال آيو ته منهنجي والد ۽ چاچي کي حضرت علي ۽ حضرت حمزه (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما) قتل ڪري ڇڏيو هيو، ڇو نه اڄ مان انهن کان بدلو وٺندي، انهن جي نبيءَ (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي شهيد ڪري ڇڏيان، انهيءَ ارادي سان مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو ٿيس ۽ مان حملو ڪرڻ وارو هيس ته باهہ جو شعلو (Flame)بجلي جيان منهنجي طرف وڌيو، جنهن سان خوف زده ٿي ڪري مان پوئتي پِڪس، ايتري ۾ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نَظرِ ڪرم مون تي پئجي وئي ۽ فرمايو: اي شيبہ! پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي رکيو ته الله پاڪ شيطان کي منهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو ۽ مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهءِ اقدس جي طرف نظر ڪئي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي پنهنجي سماعت ۽ بصارت (يعني ٻڌڻ ۽ ڏسڻ) کان به وڌيڪ محبوب لڳڻ لڳا. (دلائل النبوة لابي نعيم ، ۱۱۲/۱،رقم: ۱۴۴)

جس طرف اُٹھ گئی دَم میں دَم آ گیا

اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش، ص۳۰۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ مصطفيٰ! اسان جي اک هن ڳالهہ جي محتاج آهي ته جيڪا شيءِ ان جي سامهون هجي اها صرف انهيءَ کي ڏسي سگهي ٿي جڏهن ته اسان جي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون اکيون اهڙيون هيون جو جيڪا شيءِ لڪيل هوندي هئي ۽ ڪنهن تي ظاهر نه ٿيندي هئي، اهي مبارڪ

اکيون ان کي بہ ڏسي وٺنديون هيون. ايسيتائين جو دلين جا خيال جن تائين ڪنهن جي بہ پهچ ناهي هوندي نگاهِ مصطفيٰ کان دلين جا حال بہ لڪيل نہ رهندا ها: جيئن تہ

## (2) سيني جا راز نگاهِ مصطفيٰ ۾

**حضرتِ سيدنا ابنِ عمر** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ **فرمائن ٿا تہ هڪ انصاري صحابي** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ **نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرْوَر، ٻنهي جهانن جي تاجْوَر،** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: يارسو الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **مان اوهان کان ڪجهہ ڳالهيون پڇڻ چاهيان ٿو. پاڻ فرمايو: ويهو. پوءِ ثقيف قبيلي مان هڪ شخص آيو ۽ عرض ڪيائين: حضور! مان اوهان کان ڪجهہ ڳالهيون پڇڻ چاهيان ٿو. پاڻ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ارشاد فرمايو: انصاري توکان پهريان آيو آهي. انصاري صحابي** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ **عرض ڪيو: حضور! هي هڪ مسافر آهي ۽ مسافر جو حق وڏيڪ هوندو آهي، لهٰذا اوهان پهريان انهن جي سوالن جا جوابَ ارشاد فرمايو. تہ رَسُولُ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اُن ثقفي جي طرف متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون: جيڪڏهن تون چاهين تہ مان توکي ٻڌايان تہ تون مون کان ڇا پڇڻ آيو آهين ۽ جيڪڏهن تون چاهين تہ سوال ڪر مان انهن جا جواب ڏيندس؟ ان عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **مان جن سوالن جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان، مون کي انهن جا جوابَ ارشاد فرمايو. فرمايائون: تون مون کان رڪوع، سجود، نماز ۽ روزي جي باري ۾ سوالَ ڪرڻ آيو آهين. ان شخص عرض ڪيو: ان ذاتِ مقدس جو قسم! جنهن اوهان** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کي حق سان گڏ موڪليو آهي! اوهان منهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ ذري برابر بہ خطا نہ ڪئي. پوءِ پاڻ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **انهن جا جوابَ بہ عطا فرمايا. پوءِ هو ثقفي صحابي** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ **اٿي هليا ويا.**

ان کان بعد نبي ڪريم، صاحبِ خُلْقِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انصاري صحابي ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ انهن کي فرمايائون: جيڪڏهن تون چاهين تہ مان توکي بہ ٻڌايان تہ تون مونسان ڪهڙا سوال ڪرڻ جي لاءِ آيو آهين ۽ جيڪڏهن چاهين تہ

مون کان سوال ڪر مان توکي انهن جا جواب ڏيندس ان عرض ڪيو: يا رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! نہ اوهان پاڻ ئي ٻڌائي ڇڏيو تہ مان اوهان کان ڇا پڇڻ جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان؟ ارشاد فرمايائون: تون مون کان اِهو پڇڻ جي لاءِ آيو آهين تہ جڏهن حاجي پنهنجي گهر کان نڪرندو آهي تہ انهيءَ لاءِ ڇا ثواب آهي؟ ۽ جڏهن اهو عرفات ۾ بيهندو آهي تہ انهيءَ لاءِ ڇا ثواب آهي؟ ۽ جڏهن هو جِمار جي رمي ڪندو آهي تہ انهيءَ لاءِ ڇا ثواب آهي؟ ۽ جڏهن اهو پنهنجو مٿو ڪوڙائيندو آهي تہ انهيءَ لاءِ ڇا ثواب آهي؟ ۽ جڏهن اهو حج جو آخري طواف پورو ڪري ڇڏيندو آهي تہ اُن کي ڪيترو ثواب ملندو آهي؟

اهو ٻڌي ڪري انصاري صحابي عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ اللّٰه! ان ذاتِ مقدس جو قسم! جنهن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حق ساڻ موڪليو! اوهان منهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ ڪا بہ خطا نہ ڪئي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي بہ انهن ڳالهين جا جوابَ ارشاد فرمايا. (ابن حبان، کتاب الصلاۃ ، باب وصف بعض الصلاۃ ، ۱۸۱/۳، حدیث:۱۸۸۴)

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چھپا تم پہ کروڑوں درود

(حدائقِ بخشش، ص۲٦۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) بلائن کان حفاظت جو وظيفو

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا: جيئن تہ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون کي رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي فطري جي حفاظت تي مقرر فرمايو. تہ هڪ شخص آيو ۽ ڪٽڪ مان لپ (مُٺ) ڀرڻ لڳو، مون ان کي پڪڙي ورتو ۽ چيو مان توکي رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ وٺي هلندس. هو چوڻ لڳو مان محتاج آهيان منهنجا ٻار ٻچا آهن ۽ مون کي سخت حاجت آهي حضرت ابوهريره فرمائن ٿا: مون ان کي ڇڏي ڏنو. جڏهن صبح ٿيو تہ

نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ فرمايو: اي ابوهريره! اڄ رات تنهنجي قيدي جو ڇا ٿيو. مون عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله ان سخت حاجت ۽ ٻار ٻچن جو عذر پيش ڪيو، ان تي مون رحم آيو ۽ ان کي ڇڏي ڏنو، پاڻ فرمايائون: اهو توسان ڪوڙ هڻي ويو وري موٽي ايندو، حضرت ابوهريره فرمائي ٿو: مون کي رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان سبب پڪ ٿي وئي ته هُو وري موٽي ايندو مان ان جي تاڙ ۾ وينو رهيس. هو وري آيو ۽ کٽڪ جي لپ ڀرڻ لڳو، مون ان کي پڪڙي ورتو ۽ چيو، هاڻ ته توکي رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ضرور وٺي ويندس. ان چيو: مون کي ڇڏي ڏيو مان محتاج آهيان ۽ مون تي ٻار ٻچن جو وڏو بوجهه آهي مان هاڻي نه ايندس، مون کي رحم اچي ويو ۽ مون ان کي رها ڪري ڇڏيو، جڏهن صبح ٿيو ته مون کي رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي ابوهريره! تنهنجي قيدي جو ڇا ٿيو؟ مون عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله انهيءَ سخت محتاجي ۽ ٻار ٻچن جو عذر پيش ڪيو مون کي ان تي رحم اچي ويو ۽ مون ان کي ڇڏي ڏنو. فرمايائون اهو توسان ڪوڙ هڻي ويو ۽ وري ايندو. مون کي رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان فرمان تي ته هُو وري ايندو يقين ٿي ويو ته هو ضرور ايندو. مان تاڙ ۾ وينو رهيس، هو آيو ۽ کٽڪ مان لپ ڀرڻ لڳو، مون ان کي پڪڙي ورتو ۽ چيو هاڻي ته توکي رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ضرور وٺي ويندس، هي ٽيون ڀيرو آهي تون چئي وڃي ٿو ٻيهر نه ايندس وري اچي وڃين ٿو. ان چيو: مون کي ڇڏي ڏي مان اوهان کي ڪجهه اهڙا ڪلما سيکاري ڇڏيان ٿو ته الله پاڪ تِن جي برڪت سان توکي نفعو ڏيندو. جڏهن اوهان بستري ۾ وڃو ته آيَةُ الْكُرْسِي پڙهي ڇڏيندا ڪيو، ته الله پاڪ اوهان جي حفاظت فرمائيندو ۽ صبح تائين شيطان اوهان جي ويجهو نه گذرندو. مون ان کي ڇڏي ڏنو، جڏهن صبح ٿيو ته مون کي رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجي قيدي جو ڇا ٿيو؟ مون عرض ڪيو: ان چيو مون کي اهڙا ڪلما سيکاريندو جنهن سان الله پاڪ مون کي نفعو ڏيندو: حضور پاڪ جن فرمايو: اهو آهي ته ڪوڙو پر توسان سچ ڳالهائي ويو، ڇا تون ڄاڻين ٿو ته ٽن ڏينهن کان ڪنهن سان گفتگو ڪري رهيو هُئين؟ مون

**عرض ڪيو، نہ: ارشاد فرمايائون: اهو شيطان آهي.** ( بخاری، کتاب الوکالة، باب اذا وکل رجلا... الخ ،رقم: ۲۳۱۱، ۲ /۸۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلبيت!** غور ڪيو، بخاري شريف جي هن حديث مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ اسان جي آقا جي نگاهہ مبارڪ ماضي ۾ ٿي ويل واقعن کي بہ ڏسي وٺندي آهي ۽ آئنده ٿيندڙ واقعن کي بہ ڏسي وٺي ٿي، ان سان گڏ اهو بہ معلوم ٿيو تہ آيَةُ الْكُرْسِي جا بيشمار فضائل ۽ برڪتون آهن، جيڪڏهن رات جو بستري تي وڃڻ کان پهريان آية الڪرسي پڙهي ڇڏجي تہ سڄي رات شيطان ويجهو ناهي ايندو بلائن ۽ آفتن کان حفاظت ٿيندي آهي، اهڙي طرح نمازن کان پوءِ بہ آية الڪرسي پڙهڻ تي جنت جي بشارت آهي، رات جو سمهڻ وقت پڙهڻ تي پنهنجي ۽ پاڙي وارن جي گهرن جي حفاظت جي بشارت آهي (شعب الایمان، التاسع عشر من شعب الایمان، فصل في فضائل السور والآیات، ۴۵۸/۲، الحدیث: ۲۳۹۵) **جيڪڏهن رات جو سمهڻ وقت آية الڪرسي پڙهي ڇڏجي تہ سڄي رات گهر چوري ۽ ناگهاني آفتن کان محفوظ رهندو، آية الڪرسي پڙهڻ وارو برن خوابن ۽ جنات جي خلل کان بچيل رهندو، هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهڻ واري جو خاتمو خير تي ٿيندو.**

خُدایا بُرے خاتمے سے بچانا
پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یاالٰہی

(وسائلِ بخشش ص ۲۸)

## نمازن جي ترغيب

**پيارا اسلامي ڀائرو! آيةالڪرسي** هر نماز کان بعد پڙهڻ جي سعادت حاصل تڏهن ٿيندي جڏهن اسان پابندي سان نماز پڙهنداسين. افسوس اسان جو هڪ تعداد آهي جيڪو نماز جماعت سان ناهي پڙهندو ۽ اهڙي طرح هڪ تعداد آهي

جيڪو مَعَاذَ الله نمازون ڇڏيندي جهنم جو مستحق ٿيندو وڃي ٿو. افسوس! اسان جو رب ته اسان کي ڏينهن رات ڪيتريون ئي نعمتون بنا گھرڻ جي عطا ڪري رهيو آهي پر اسان کي پوري ڏينهن ۾ صرف 5 وقت انهيءَ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪرڻ جي توفيق ناهي ٿيندي. ياد رکو! هر عاقِل ۽ بالِغ مرد ۽ عورت مُسلمان تي روزانو 5 وقت نَماز فَرض آهي، جيڪو نَماز کي فَرض نه مڃي اهو دينِ اسلام مان خارج آهي پلي ڪٽي ان جو نالو ۽ ان جا ٻيا ڪم مسلمانن وارا هجن. ۽ جيڪو نماز کي فرض ته مڃي پر هڪ نماز به ڄاڻي واڻي ڇڏي ته اهو سخت فاسِق ۽ گُنهگار ۽ باهه جي عذاب جو مسْتَحِق آهي. اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن قصداً (ڄاڻي واڻي) هڪ وقت جي (نماز) ڇڏي ته هزارين وَرِهه جهنَّم ۾ رهڻ جو مستحق ٿيو. جيسيتائين توبه نه ڪري ۽ ان جي قضاء نه ڪري وٺي. (فتاويٰ رضويه ،ج٩ص،١٥٨) انهيءَ مان اندازو لڳايو ته هڪ نماز کي ڄاڻي واڻي ڇڏڻ تي هزارين ورهه جهنم ۾ رهڻو پوندو ته جيڪو شخص سڄي ڏينهن جون پوريون نمازون ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏيندو هجي بلڪه ماڳهين نمازون ئي نه پڙهندو هجي ته اهو ڪيتري قدر عذاب جو شڪار ٿيندو. ۽ ياد رکو! ڄاڻي واڻي نماز ڇڏڻ واري کان ته خود شيطان به پناهه گهرندو آهي. جيئن ته

مَنْقُول آهي ته هڪ شَخْص جهنگل (Jungle) ۾ وڃي رهيو هيو، شيطان به ان سان گڏ هلڻ لڳو، اُنهيءَ شَخْص سڄي ڏينهن ۾ هڪ به نماز نه پڙهي ايسيتائين جو رات ٿي وئي، شيطان ان وٽان ڀڄڻ لڳو، اُن شَخْص حيران ٿي ڀڄڻ جو سبب پڇيو: ته شيطان چيو: " مون سڄي عمر ۾ صرف هڪ ڀيرو آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سَجْدو ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو ته مَلْعُون ٿيس ۽ تُو اڄ پنجئي نمازون تَرڪ ڪري ڇڏيون، مون کي خوف اچي ٿئي ته ڪٿي توتي قَهر نازل نه ٿئي ۽ مان به ان ۾ ڦاسي پوان ." (دُرَّةُ النّاصِحِين،ص١۴۴،ملخصاً)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں با جماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اچو!** اج جي هن مقدس رات ۾ عهد ڪيون ته اج کان پوءِ منهنجي ڪابه نماز قضا نه ٿيندي. اِنْ شَآءَ الله

**اي عاشقانِ رسول!** هاڻي هن رات جي مناسبت سان **آمدِ مصطفيٰ** جو به ڪجھ ذڪر ڪيون ٿا. سڀ کان پهريان آمدِ مصطفيٰ جو هڪ عجيب ۽ غريب واقعو ٻڌون ٿا.

## ڪِسريٰ جو خواب

مخزوم بن هاني مخزومي جا والد جيڪي 150 سال تائين جيئرا رهيا، اهي حڪايت بيان ڪن ٿا ته سرور انبياء، **محبوبِ خدا** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي** ولادت جي رات ساساني خاندان جي مشهور بادشاه ڪسريٰ جو محل هڪ زلزلي سان هِلڻ لڳو ۽ ان جا چوڏهن (14) ڪنگرا ٽٽي ڪري زمين تي ڪِري پيا. فارس جي هزار سالن کان ٻرندڙ باهه يڪدم وِسامي وئي، بحيره سَاوَه جو پاڻي خشڪ ٿي ويو ۽ ڪسريٰ هڪ پريشان ڪندڙ خواب ڏٺو، جنهن کي هن پنهنجي قاضي جي سامهون بيان ڪيو، ان ڏٺو ته سرڪش اُٺن جي پويان تيز رفتار عربي گهوڙا آهن جيڪي دجله درياء کي پار ڪري سندس ملڪ ۾ پکڙجي ويا آهن. ان خواب ڪسريٰ ۽ ٻين ڪيئي ماڻهن کي سخت پريشاني ۾ وجهي ڇڏيو، ته ڪسريٰ جي نائب نعمان بن مُنْذِر، عبدُ المسيح غسقاني کي سَطيح ڪاهن (يعني پيشنگوئي ڪندڙ) ڏانهن موڪليو، ته جيئن هن عظيم معاملي جي متعلق معلومات حاصل ڪري. سَطيح ڪاهن شام ملڪ ۾ رهندو هيو ۽ پيشنگوئي ۾ وڏي شهرت جو مالڪ هيو. جڏهن عبدُالمسيح ان جي

ويجهو آيو ۽ اجان هو انهيءَ جي قيام گاهه کان ٻاهر ئي هيو تہ سَطيح ان کي آواز ڏنو ۽ پنهنجي پيشنگوئي جي زور تي اهو سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو جنهن جي اجان هُن خبر بہ نہ ڏني هئي، سطيح چيو: اي عبدُ المسيح! تون اُٺ تي سوار ٿي مون وٽ آيو آهين ۽ بيشڪ پري کان سفر طئي ڪري آيو آهين، توکي بني ساسان جي بادشاهہ ڪسريٰ موڪليو آهي تہ تون محل جي زلزلي، باهہ جي وسامي وڃڻ ۽ خواب جي باري ۾ پڇي سگهين، جنهن ۾ ان ڏٺو آهي تہ سرڪش اُٺن جي پويان عربي گهوڙا آهن جيڪي درياءَ دجلہ کي پار ڪري سندن ملڪ ۾ پکڙجي ويا آهن.

پوءِ ان چيو: اي عبد المسيح! جڏهن تلاوت جي گهڻائي ٿي وڃي ۽ صاحِبِ عَصا (يعني حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ظاهر ٿي وڃن ۽ وادي سَماوَه وهڻ لڳي ۽ بُحَيْرَهِ سَاوَه خشڪ ٿي وڃي ۽ فارس جي باهہ وسامي وڃي تہ پوءِ ملڪ شام سطيح جي لاءِ شام نہ رهندو، جيترا ڪُنگرا ڪسريٰ جي محل جا ڪريا آهن اجا ايترائي بادشاهہ ٿيا ٿيندا جيڪي هڪ ٻئي پٺيان حڪومت ڪندا، پوءِ انهن جي حڪومت جو سلسلو ختم ٿي ويندو، ڪسريٰ جو خواب سندس بادشاهت جي خاتمي جو الارم (Alarm) آهي، ان جي (بادشاهت) اسلام ۽ اهلِ اسلام جي مملڪت بڻجي وڃڻ ۽ انهيءَ جي شهرن ۾ عربن جي داخل ٿيڻ جي علامت آهي. (مولد رسول اللہ و رضاعہ لابن کثیر، ص۲۲ملخصاً)

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا عالم نے رنگ بدلا صُبحِ شبِ وِلادت
رُوحُ الْامیں نے گاڑا کعبہ کی چھت پہ جھنڈا تا عرش اُڑا پھریرا صُبحِ شبِ وِلادت
پڑھتے ہیں عرش والے سُنتے ہیں فرش والے سُلطانِ نو کا خطبہ صُبحِ شبِ وِلادت
دن پھر گئے ہمارے سوتے نصیب جاگے خُورشید ہی وہ چمکا صُبحِ شبِ وِلادت
پیارے ربیعُ الاوّل تیری جھلک کے صدقے چمکا دیا نصیبا صُبحِ شبِ وِلادت

شادی رَچی ہوئی ہے بجتے ہیں شادیانے
دُولہا بنا وہ دُولہا صُبحِ شبِ وِلادت

عرشِ عظیم جُھومے کعبہ زمین چُومے
آتا ہے عرش والا صُبحِ شبِ وِلادت

تیری چمک دَمک سے عالم چمک رہا ہے
میرے بھی بخت چمکا صُبحِ شبِ وِلادت

باٹنا ہے دو جہاں میں تُو نے ضِیا کا باڑا
دیدے حسنؔ کا حصہ صُبحِ شبِ وِلادت

(ذوقِ نعت، ص ۹۳ تا ۹۹)

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سرکار کی آمد | مرحبا | پیارے کی آمد | مرحبا | پُرنور کی آمد | مرحبا |
| سردار کی آمد | مرحبا | اچھے کی آمد | مرحبا | سراپا نور کی آمد | مرحبا |
| مختار کی آمد | مرحبا | سوہنے کی آمد | مرحبا | رسولِ مقبول کی آمد | مرحبا |
| سچے کی آمد | مرحبا | موہنے کی آمد | مرحبا | آمنہ کے پھول کی آمد | مرحبا |

مرحبا یا مصطفیٰ    مرحبا یا مصطفیٰ    مرحبا یا مصطفیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آمدِ مصطفيٰ جا مختلف دَور

پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح سج نڪرڻ کان پهريان تارا لکي ويندا آهن، صبح جي سفيدي ختم ٿيڻ لڳندي آهي ۽ پوءِ اوير کان هلڪي ڳاڙهاڻ نمودار ٿيندي آهي، ان کان فوراً بعد ئي سج پنهنجو چهرو ڏسيندو آهي، دراصل تارن جو لکي وڃڻ، صبح جي سفيدي لهي وڃڻ ۽ ان کان پوءِ ڳاڙهاڻ نڪرڻ انهيءَ ڳالهه جي علامت هوندي آهي تہ سج ايرڻ لڳو آهي، اهڙي طرح جڏهن آفتابِ رسالت، ماهتابِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چمڪڻ جو وقت آيو تہ

دنيا ۾ ڪيئي اهڙا عجيب ۽ غريب ۽ انوکا واقعا سامهون آيا جيڪي ان ڳالهه جو ڏس ڏئي رهيا هئا ته هاڻي ڪفر جون اونداهيون ختم ٿيڻ لڳيون آهن، جيڪي اهو ٻڌائي رهيا هئا ته هاڻي بيڪسيءَ جا ڏينهن ختم ٿيڻ لڳا آهن، جيڪي اهو ٻڌائي رهيا هئا ته هاڻي بي سهارن جي بيسهارَپ ختم ٿيڻ واري آهي، جيڪي اهو ٻڌائي رهيا هئا ته ظلم ۽ ستم جي دروازي جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي، جيڪي اهو ٻڌائي رهيا هئا ته هاڻي غريبن جا ڏينهن ڦِرڻ وارا آهن، ڇو ته هاڻي بيڪسن جا والي، بي سهارن جا سهارا غريبن جا آسرا ظلم ۽ ستم کان نجات ڏيارڻ وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي اچڻ وارا آهن. مختلف طريقن سان سندن آمد جون خبرون ۽ نشانيون هن دنيا کي ملنديون رهيون، ڪنهن ۾ بالڪل واضح علامت پائي ويندي هئي ته ڪنهن ۾ اشارةً تشريف آوري جو تذڪرو ٿيندو رهيو. الغرض ولادتِ باسعادت تائين بشارتن جو، خوشخبرين جو سلسلو ايئن ئي جاري ۽ ساري رهيو. مولانا جميل الرحمٰن رضوی رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيترو نه خوب فرمائن ٿا:

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں
اب مرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

ابرِ رحمت چھا گیا ہے کعبے پہ جھنڈا گڑا ہے
بابِ رحمت آج وَا ہے آمدِ شاہِ عرب ہے

آنیوالا ہے وہ پیارا دونوں عالم کا سہارا
کعبے کا چمکا ستارہ آمدِ شاہِ عرب ہے

غنچے چٹکے پھول مہکے شاخِ گل پر مرغ چہکے
روتا ہے شیطاں یہ کہہ کے آمدِ شاہِ عرب ہے

خواہشِ زلفِ نبی میں مست ہیں گل کی شمیمیں
جھوم کر آئی نسیمیں آمدِ شاہِ عرب ہے

مومنو وقتِ ادب ہے آمدِ محبوبِ ربّ ہے
جائے آداب وطرب ہے آمدِ شاہِ عرب ہے

آتا ہے شاہِ حکومت فرض ہے جس کی اطاعت
ہر نبی نے دی بشارت آمدِ شاہِ عرب ہے

(قبالۂ بخشش، ص۱۸۴)

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سرکار کی آمد | مرحبا | پیارے کی آمد | مرحبا | پُرنور کی آمد | مرحبا |
| سردار کی آمد | مرحبا | اچھے کی آمد | مرحبا | سراپانور کی آمد | مرحبا |
| مختار کی آمد | مرحبا | سوہنے کی آمد | مرحبا | رسولِ مقبول کی آمد | مرحبا |
| سچے کی آمد | مرحبا | موہنے کی آمد | مرحبا | آمنہ کے پھول کی آمد | مرحبا |

**مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وِلادتِ مصطفيٰ کان پهريان انبياء ڪرام جي زيارت ۽ سندن جون بشارتون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نور واري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي دُنيا** ۾ تشريف آوري کان پهريان سندن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي آمنه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا **کي 9 انبياء ڪرام** عَلَیۡہِمُ السَّلَام **جي زيارت ٿي ۽ انهن مان هرهڪ نبي** عَلَیۡہِ السَّلَام **پاڻ** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا **کي حُضُور** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي متعلق ڪجهه نہ ڪجهه خبر کان آگاهه فرمايو.** حضرت علامہ مولانا عبد الرحمٰن ابنِ جوزي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **فرمائن ٿا:**

**حضورپُرنور** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي وِلادت جو وقت** ويجهو آيو، تہ **حضرت آدم** عَلَیۡہِ السَّلَام **بي بي آمِنه** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا **جي خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ پاڻ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي آمد جي متعلق خبر ڏني.** (2)پوءِ **حضرت اِدريس** عَلَیۡہِ السَّلَام **تشريف وٺي آيا تہ انهن پاڻ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي فضل و ڪرم ۽ اعليٰ رتبي جي خبر ڏني.** (3)پوءِ **حضرت نوح** عَلَیۡہِ السَّلَام **تشريف وٺي آيا تہ انهن ٻڌايو تہ توهان جو پُٽ فتح و نصرت جو مالڪ آهي.** (4) پوءِ **حضرت ابراهيم** عَلَیۡہِ السَّلَام **تشريف وٺي آيا تہ پاڻ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي عزّت ۽ بزرگي کان آگاهه فرمايو.**(5) پوءِ **حضرت اسماعيل** عَلَیۡہِ السَّلَام **تشريف وٺي آيا ۽ انهن ٻڌايو تہ** جيڪا هستي اوهان وٽ تشريف فرما ٿيڻ واري آهي، اها وڏي **اخلاق جي مالڪ ۽ وڏي عزت** واري آهي. (6) پوءِ **حضرت موسيٰ** عَلَیۡہِ السَّلَام

تشريف وٺي آيا ۽ انهن سندن جي عزت ۽ بلند عهدي جي متعلق خبر ڏني.(7) پوءِ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام بي بي آمِنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايو تہ جيڪا هستي اوهان وٽ تشريف وٺي اچڻ واري آهي، اها مَقامِ محمود، حوضِ ڪوثر، لِوَاءُالْحَمْد، وڏي شفاعت جا مالڪ آهي. (8)پوءِ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام تشريف وٺي آيا ۽ ٻڌايو تہ آخري نبي اوهان وٽ تشريف وٺي ايندا. (9) پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي خواب ۾ جلوه گري ٿي ۽ فرمايو: اوهان جا پٽ سچ ڳالهائڻ وارا ۽ سڌي دِين يعني جيڪو سڀ دينن تي غالب اچي ان دِين جا مالڪ آهن. الغرض هر نبي عَلَيْهِ السَّلَام سندن کي اها بشارت ڏني تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا دنيا ۽ آخرت جي سردار سان حامله آهن ۽ جڏهن دنيا ۾ تشريف وٺي اچن تہ سندن جو نالو محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رکجو. ( رسائل ميلاد مصطفي،ص ٢٢٥ ملخصا)

مبارک ہو وہ شہ پردے سے باہر آنے والا ہے
گدائی کو زمانہ جس کے دَر پر آنے والا ہے

(ذوق ِنعت، ص٢١٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان افروز خوشخبريون

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ اڪرم، شاهِ بنيِ آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ با سعادت کان پهريان والده ماجده حضرت آمنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي لاءِ هر رات مزيد بابرڪت ۽ خوشين جو پيغام کڻي آئي، انهن راتين ۾ بي بي آمنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي عجيب ڪيف و سرور حاصل ٿيو. ۞ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي مراد ۽ آرزو پوري هجڻ جي خوش خبري ڏني وئي. ۞ ۽ ٻڌايو ويو تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ اها هستي اچڻ واري آهي جيڪا حمد بجا آڻڻ ۽ شڪر ادا ڪرڻ واري آهي. ۞ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا آسمان کان فرشتن کي تسبيح ڪندي ٻڌو ۞ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي اهو

چوندي ٻڌو تہ اي آمنہ! مدح ۽ عزت جي مالڪ جي سبب خوش ٿي وڃ.۞ فرشتن بي بي آمنه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا جي چوڌاري طواف جي صورت ۾ چڪر لڳايا. ۞ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا جي سعادتن ۽ دولتمندي جي ابتدا ٿي. ۞ فرشتن لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه جو وِرد ڪيو. بي بي آمِنه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا کان تڪاوٽ دُور ٿي وئي ۽ حضورِ پاڪ، صاحِبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادتِ با سعادت ٿي وئي. ( رسائلِ مِيلاد مصطفيٰ، ٢٢٧ملخصا)

حضرت بي بي آمنه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا ولادتِ مصطفيٰ جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿيون: جڏهن سردارِ ڪون ومڪان، مالڪِ دو جهان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد ٿي تہ مون ڏٺو تہ پاڻ سجدي ۾ آهن ۽ عاجزي ۽ اِنڪساري سان پنهنجي آڱر اُپي ڪيل آهن. پوءِ مون اڇي ڪڪر کي آسمان تان لهندي ڏٺو جنهن نبين جي سرور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مون کان لڪائي ڇڏيو، پوءِ مون ڪنهن چوڻ واري کي چوندي ٻڌو: هِن کي اوڀر، اولهہ جو سير ڪرايو، هِن کي زمين جي هر جڳهہ تي وٺي وڃو، تمام سمنڊ واري مخلوق، جنّن ۽ انسانن جي رُوحن، فرشتن، پکين ۽ جانورن وَٽان گذاريو، هِن کي هر روح واري تي پيش ڪيو تہ جيئن اهي هن کي هن جي نالن ۽ وَصفن سان سُڃاڻي سگهن، وڏيڪ هِن کي تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي پيدائش جي جڳهہ جو بہ چڪر لڳرايو .

(خصائص الڪبريٰ، باب ظهرفي ليلة مولده۔۔۔الخ،٨٢/١)

حضرتِ سيِّدَتُنا آمنه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا وڌيڪ فرمائن ٿيون: پوءِ اهو ڪڪر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان دُور ٿي ويو تہ ڏٺم پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سفيد اُوني ڪپڙي ۾ ويڙهيل هيا ۽ هينان سائو ريشم وِڇيَل هُيو. (مولد النبي لابن حجر، ص ٢٢ ملخصا) ڪنهن چوڻ واري چيو: حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام دنيا تي قبضو ڪري ڇڏيو ۽ زمين جي ڪا مخلوق اهڙي ناهي جيڪا سندن جي قبضي ۾ پنهنجي خوشيءَ سان نہ آئي هجي. ان کان پوءِ ٽي فرشتا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏانهن وڌيا هڪ وٽ چانديءَ جو پيالو، ٻي وٽ زَمُرد جو ٿال ۽ ٽي وٽ سفيد ريشم جو ڪپڙو هيو، جنهن ۾ خوب چمڪندڙ منبدي هئي. انهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پيالي جي

پاڻيءَ سان غسل ڏنو، پوءِ ڪپڙي مان مهرِ نبوت ڪڍي ڪري ڪُلهن جي وچ ۾ لڳائي. (مولد النبي لابن حجر،ص ٢٢ ملخصا)

وري ڪنهن جو آواز آيو: هن کي حضرتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جا اَخلاق، حضرتِ شيث عَلَيْهِ السَّلَام جي معرفت، حضرتِ نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي شجاعت، حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي گهري دوستي، حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي زبان، حضرتِ اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي رضا، حضرتِ صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي فصاحت، حضرتِ لُوط عَلَيْهِ السَّلَام جي حڪمت، حضرتِ يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي بشارت، حضرتِ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شدت، حضرتِ ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جو صبر، حضرتِ يونس عَلَيْهِ السَّلَام جي اطاعت، حضرت يُوشَع عَلَيْهِ السَّلَام جو جهاد، حضرتِ داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جو خوبصورت آواز، حضرتِ دانيال عَلَيْهِ السَّلَام جي محبت، حضرتِ الياس عَلَيْهِ السَّلَام جو وقار، حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عصمت، حضرتِ عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو زُهد ۽ حضرتِ سَيِّدُنا يُوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جو حُسن ۽ جمال عطا ڪري ڇڏيو، بلڪ هن کي تمام نبيَّن ۽ رسولن جي اخلاقِ حميده جو نمونو بڻائي ڇڏيو. (خصائص الکبريٰ، باب ظهرفي ليلة مولده۔۔۔الخ،٨٢/١)

شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ڪيترو نه خوب فرمائن ٿا:

ہے آج جشنِ ولادت نبی کی آمد ہے　　جلاؤ شمعِ محبّت نبی کی آمد ہے
جہاں میں بجتی ہے نَوبت نبی کی آمد ہے　　سُناؤ سب کو بِشارت نبی کی آمد ہے
ہوئی خدا کی عنایت نبی کی آمد ہے　　سجائے تاجِ شفاعت نبی کی آمد ہے
گُلوں پہ چھا گئی نُزہت نبی کی آمد ہے　　چمن میں پھیلی ہے نکہت نبی کی آمد ہے
ہے اِک عجیب سی فرحت نبی کی آمد ہے　　دِلوں پہ طاری مسرّت نبی کی آمد ہے
نہ کیوں ہو وجد میں قسمت نبی کی آمد ہے　　نہیں خوشی کی نہایت نبی کی آمد ہے

الٰہی! کرلوں زیارت نبی کی آمد ہے عطا ہو چشمِ بصیرت نبی کی آمد ہے
ہے خوب بارشِ رحمت نبی کی آمد ہے نہالو پاؤ گے برکت نبی کی آمد ہے
ہُوا ہے وَا درِ رحمت نبی کی آمد ہے خدا سے مانگ لو جنّت نبی کی آمد ہے
برائے رشد و ہدایت نبی کی آمد ہے سنانے نیکی کی دعوت نبی کی آمد ہے
عدُو پہ چھائی ہے ہیبت نبی کی آمد ہے ملی ہے خاک میں نَخوت نبی کی آمد ہے
بُتوں کی آگئی شامت نبی کی آمد ہے مٹے گی کفر کی ظلمت نبی کی آمد ہے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۳٦٨)

سرکار کی آمد مرحبا پیارے کی آمد مرحبا پُرنور کی آمد مرحبا
سردار کی آمد مرحبا اچھے کی آمد مرحبا سراپانور کی آمد مرحبا
مختار کی آمد مرحبا سوہنے کی آمد مرحبا رسولِ مقبول کی آمد مرحبا
سچے کی آمد مرحبا موہنے کی آمد مرحبا آمنہ کے پھول کی آمد مرحبا

**مرحبایامصطفی مرحبایامصطفی مرحبایامصطفی**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ولادتِ مصطفيٰ جون برڪتون

**اي عاشقانِ ميلاد!** آمدِ مصفيٰ تي ڪهڙيون ڪهڙيون نراليون نشانيون ۽ برڪتون ظاهر ٿيون، يقيناً هي الله پاڪ جو فضل ئي آهي تہ ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان** عالَم ۾ بهار اچي وئي. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان** بي بي آمنہ جي گلشن ۾ بهار اچي وئي. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان مڪي جي** شهر ۾ روشني پکڙجڻ لڳي.❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان** عرب جو ريگستان

تارن جيان چمڪڻ لڳو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان ڪعبو بہ جُھومڻ** لڳو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** ڪُومايل تاريون ڀَھَڪي اٿيون. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان** انڌيرا ختم ٿيڻ لڳا. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان** ڪفر ۽ شرڪ جي ايوانن ۾ زلزلا اچي ويا. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي بَرَڪت سان بي سهارن ڪي سهارو ملي ويو.** ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** بي قرارن ڪي قرار ملڻ لڳو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** غريبن ڪي يتيمن ڪي آسرو مليو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** شيطان ذليل ۽ رُسوا ٿيو ۽ اڄ تائين ٿي رهيو آهي. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** جهالت جو خاتمو ٿيو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** ناجائز ۽ غير شرعي رسمن جو خاتمو ٿيو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** معاشري جي هر فرد کي ان جا جائز حقَ مليا. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** زمانو نُورٌ عَلٰي نُور ٿي ويو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** سڄي جهان ۾ اسلام جو جهنڊو لهرائڻ لڳو.❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان** زمانو روشن ٿي ويو. ❖ **آمدِ مصطفيٰ جي برڪت سان دُنيا جڳمڳائڻ لڳي.**

**اي عاشقانِ رسول!** اسان بہ آمدِ مصطفيٰ جي خوب ڌُوم مچايون، خوب خوشيون ملهايون. هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ بي چين دلين جي چين، رَحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرَمَين، سَروَرِ ڪونَين، ناناءِ حَسَنَيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جهان ۾ فَضْل و رَحمت بڻجي ڪري تشريف وٺي آيا ۽ الله پاڪ جي رَحْمت جي نُزُول جو ڏينهن يقيناً خوشيءَ** جو ڏينهن آهي، جيئن تہ :

## مومنو خوشيون ملهايو سرڪار اچي ويا

پارو11 سُوْرَه يُوْنُس جي آيت نمبر58 ۾ خداءِ رَحمٰن جو فرمانِ ذِيشان آهي:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْاؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾
(پ11، يونس:58)

ترجموڪنزُالعرفان: اوهان فرمايو الله جي فَضْل ۽ ان جي رَحمت تي ئي خوشي ملهائڻ گهرجي، هي ان کان بهتر آهي جيڪو اهي جمع ڪن ٿا.

مُفسّرِ قرآن مُفْتي اَحْمديارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن آيت مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: اي مَحْبُوب! ماڻهن کي هي خوشخبري ڏئي اهو حڪم ڏيو ته الله جي فَضْل ۽ ان جي رَحْمَت ملڻ تي خُوب خُوشيون ملهايو. عُمُومي خوشي ته هر وقت ملهايو ۽ خصوصي خوشي ان تاريخن ۾ جِن ۾ هي نِعْمَت آئي يعني رَمَضَان ۾، خُصُوصاً شَبِ قَدر ۽ رَبِيعُ الْاَوَّل ۾ خُصُوصاً ٻارهين تاريخ ۾ ڇو ته رَمَضَان ۾ الله جو فَضْل "قُرآن" آيو ۽ رَبِيعُ الْاَوَّل ۾ رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِيْن، يعني محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدا ٿيا. هي فَضْل ۽ رَحْمَت يا اُن جي خُوشي مَلهائڻ توهان جي دُنياوي جَمْع ڪيل مال ومَتَاع، رُوپئي، گهر، جائيداد، جانور، فصل، بلڪ اَوْلاد وغيره سڀ کان بهتر آهي ڇو ته ان خوشيءَ ۾ نَفْعو شخصي نه پر قومي آهي. وَقتي نه پر دائمي (هميشه وارو) آهي. صرف دُنيا ۾ نه پر دِين ۽ دُنيا ٻنهي ۾ آهي. جِسْماني نه بلڪ دِلي ۽ روحاني آهي. برباد نه بلڪ انهيءَ تي ثَواب آهي. (تفسيرِ نعيني ،پ۱۱،يونس، تحت الآية: ۵۸، ۳۷۷/۱۱)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** قرآنِ پاڪ ۾ ٻين به ڪيترن ئي مقامات تي الله پاڪ پنهنجي نبي، مڪي مدَني، صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جو اعلان فرمايو آهي. اچو اهڙي طرح جون ڪجهه آيتون ٻڌون ٿا، جيئن ته سيپارو 6 سُوْرَه مَائِدَه جي آيت نمبر15 ۾ اِرشادِ رباني آهي:

قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌۙ﴿۱۵﴾

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور اچي ويو ۽ روشن ڪتاب. (پ٦،المائدة: ١٥)

سيپارو11سُوْرَهٖ توبه جي آيت نمبر128 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ توهان وٽ توهان مان اهو عظيم رسول تشريف ڪٺي آيو جنهن تي توهان جو تڪليف ۾ پوڻ تمام ڏُکيو گذرندو آهي، هو توهان جي ڀلائي جو نهايت چاهڻ وارو، مسلمانن تي تمام مهربان، رحمت فرمائڻ وارو آهي. (پ۱۱، التوبہ: ۱۲۸)

سيپارو 17سُوْرَهٖ اَنْبِياء جي آيت نمبر107 ۾ آهي:

وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رَحمت بڻائي ئي موڪليو.

(پ۱۷،الانبیآء:۱۰۷)

سيپارو 22سُوْرَهٖ اَحْزَابْ جي آيت نمبر46.45 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۴۵﴾ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿۴۶﴾

ترجموڪنزُالعرفان: اي نبي بيشڪ اسان توکي گواهہ ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو. ۽ الله جي طرف ان جي حڪم سان سڏيندڙ ۽ چمڪائيندڙ سج بڻائي ڪري موڪليو. (پ۲۲،الاحزاب:۴۵-۴۶)

**اي عاشقانِ رسول!** آمدِ مصطفيٰ جون خوشيون ملهائڻ يعني ميلاد شريف ملهائڻ قرآني حڪم ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خُوشنودي جو باعث آهي. يقيناً ميلاد شريف ملهائڻ، ميلاد جي مهيني ۾ پنهنجي گهرن، گهٽيءَ پاڙي بلڪ پنهنجي گاڏيءَ کي مَدني جهندن، جڳمڳائيندڙ قُمقُمَن، رنگ برنگي لائٽن سان سجائڻ، هِن مبارَڪ مهيني جي آمد تي خاص ڪري گناهن کان توبہ ڪرڻ، سنتن ۽ نيڪين تي اِستقامت ماڻڻ جي عظيم مَدني نُسخي يعني "**نيڪ اعمال**" جي مطابق زندگي گزارڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ "**مرحبا يا مُصطفيٰ**" جي ڌوم مچائڻ لاءِ اسلامي ڀائرن جي **مدني قافلي ۾ سفر** ڪرڻ، مِيلاد جي اجتماع ۽ ميلاد جي جُلوسِ ۾ مڪتبةُ المدينه جا **رسالا** ورهائي ڪري نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ، ربيعُ الاوّل جي 12 ڏينهن تائين عَلائقي جي مختلف مسجدن ۾ جشنِ وِلادت جا عظيم الشّان **سُنّتن ڀريا اجتماعَ** مُنعقد ڪرڻ، ربيعُ الاوّل جي **هفتي وار اجتماع ۽ مدني مذاڪري** ۾ مدَني پرچم ڪٽي شروع کان آخر تائين شرڪت ڪرڻ، **ٻارهينءَ جي رات** هن عظيم رات جي تعظيم جي نيت سان غسل ڪرڻ، نئون لباس پائڻ، پنهنجي روزمرّه اِستعمال جون نيون شيون وٺڻ ، **خَاتَمُ الْمُرسَلِيْن، رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِيْن، شَفِيْعُ الْمُذْنِبِيْن، اَنِيْسُ الْغَرِيْبِيْن، سِرَاجُ السَّالِكِيْن، مَحْبُوبُ رَبِّ الْعَالَمِيْن، جنابِ صَادِقُ ۽ اَمين**صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي سُنّت** تي عمل ڪندي ولادت جي ڏينهن(12ربيع الاول) جو **روزو رکڻ، ٻارهين رات** اِجتماعِ ميلاد ۾ گذاري ڪري صبحِ صادق، هٿن ۾ مَدني جهندا کڻي، دُرود و سلام جا هار ڪنيو، اشڪبار اکين سان "**صبحِ بهاران**" جو اِستقبال ڪرڻ، فجر نماز کان پوءِ"**سلام ۽ عيد مبارڪ**"چئي ڪري هڪٻئي سان ملاقات ڪرڻ، سڄو ڏينهن عيد ميلادالنبي جي مبارڪباد پيش ڪرڻ ۽ عيد ملندي رهڻ، خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ، اجتماعِ ميلاد ۽ جلوسِ ميلاد جي عاشقانِ رسول جي لاءِ لنگرِ ميلاديہ (کاڌو کارائڻ) جو اهتمام ڪرڻ، جلوسِ ميلاد ۾ **مدني جهندا** کڻي، باوُضو لَبن تي **دُرود ۽ سلام ۽ نعتن** جا نغما سجائي، تعظيمِ نبيءَ سان ڪنڌُ جهڪائي "**مرحبا يا مُصطفيٰ**"جا نعرا لڳائڻ ۽ خوب خوب صدقو ۽ خيرات ڪرڻ باعثِ اجرو ثواب آهي.

حضرت سَيِّدنا امام عبدُالرّحمٰن ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جشنِ ولادت تي خوشي جو اظهار ڪرڻ واري جي لاءِ اها خوشي جهنّم کان رڪاوٽ بڻجندي. اي اُمَّتِ محبوب! توهان جي لاءِ خوشخبري هجي توهان دُنيا ۽ آخرت ۾ خيرِ ڪثِير جا حقدار ٿيئو. حضرت سيّدُنا احمدِمجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جشنِ ولادت ملهائڻ واري کي برڪت، عزت، ڀلائي ۽ فخر ملندو، موتين جو عمامو ۽ سبز حُلّه (جُبو) پائي ڪري اهو جنت ۾ داخل ٿيندو، بيشُمار محلاّت ان کي عطا ڪيا ويندا ۽ هر محل ۾ حُور هوندي. نبيِ خيرُ الأنام صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوب دُرُود پڙهو، جشنِ ولادت ملهائي ڪري هن کي خُوب عام ڪيو وڃي.

(مجموع لطيف النبي في صيغ المولد النبوي القدسي، مولد العروس، ص٢٨١ملتقطا)

## صحابہ ڪرام ميلاد ڪھڙي طرح ملهايو؟

جهڙي طرح الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جو ذڪر فرمايو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪمالات کي بيان فرمايو ۽ خُود سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجي وِلادتِ مُبارَڪ جو تذڪرو ڪيو، اهڙي طرح صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن بہ پنهنجي پنهنجي محفلن ۾ حُضُورِ اڪرم، شهنشاهِ اُمم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خُوب خُوب چرچا ڪندا هئا. جيئن تہ

حضرتِ سيّدُناابُوسعيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضرتِ سيدُنا مُعاوِيه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: هڪ ڀيري سرڪارِ والا تبار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جي هڪ حلقي وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ پُڇيو: توهان کي هتي ڪهڙي شيءِ ويهاريو آهي؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو اسان الله پاڪ جو ذِڪر ڪرڻ جي لاءِ وينا آهيون، اُن جو شڪر ادا ڪري رهيا آهيون تہ جو تہ ان اسان کي اسلام جي هدايت سان نوازيو ۽ اوهان جي ذريعي اسان تي وڏو احسان فرمايو، تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ جو قسم! ڇا توهان کي صرف انهيءَ شيءِ هتي ويهاريو آهي؟ عرض ڪيائون:

الله پاڪ جو قسم! اسان کي انهيءَ کان سواءِ ڪنهن بي شيءِ ناهي ويهاريو، تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون وٽ جبرئيل عَلَيۡهِ السَّلام آيو ۽ ان مون کي ٻڌايو تہ الله پاڪ توهان جي وجهہ سان فرشتن تي فخر ڪري رهيو آهي. (نسائي،ڪتاب آداب القضاة، باب ڪيف يتحلف الحاڪم، ص٨٦١، حديث: ٥٤٣٦)

هن حديثِ پاڪ جي جي حوالي سان مُفتي احمديارخان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ اسلام ۾ حضورِانور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جي شڪريي جي لاءِ مجلسون (محفلون) ڪرڻ، حلقا ٺاهي ويهڻ سُنَّتِ صحابہ آهي، هيءَ حديث مجلسِ ميلاد شريف جو اصل آهي. (مرآة المناجيح،٣٢١/٣)

پيارا اسلامي ڀائرو! مِيلاد جي اجتماع ۾ حُضُور پُرنُور، شافِعِ يَوْمُ النُّشُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَتِ پاڪ، رَضاعَتِ مُبارَڪ ۽ننڍپڻ شريف جا واقعات بيان ڪرڻ، انهيءَ لاءِ محفلِ نعت مُنْعَقِد ڪرڻ، ماڻهن کي جَمْع ڪرڻ، وِلادَتِ مُصْطَفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُوشيءَ ۾ ماڻهن کي کاڌو کارائڻ جائز آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مسلمان هن مبارڪ مهيني ۾ جَشنِ وِلادت جي خُوشي ملهائيندا آهن، مسجِدن، گهرن، دُڪانن ۽ سوارين تي پڻ پنهنجي مَحَلّي ۾ بہ مدَني پرچم(جهنڊا) لڳائيندا آهن، خُوب چَراغان ڪندا آهن. ربيعُ الاوّل شريف جي ٻارهين رات حُصُولِ ثواب جي نيت سان محفلِ نعت ۾ شرڪت ڪندا آهن، صُبحِ صادِق جي وَقْت مدني جهنڊا کڻي دُرُود و سلام پڙهندي اَشڪبار اکين سان گڏ صُبحِ بهاران جو اِسْتِقبال ڪندا آهن، 12ربيعُ الاول شريف جي ڏينهن روزو رکي ڪري ميلاد جي جُلوسن ۾ شريڪ ٿيندا آهن، ميلاد شريف ملهائڻ وارن اهڙن عاشقانِ رسول کان تہ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُوش ٿيندا آهن. جيئن تہ

## اسان بہ ان سان خوش ٿيندا آهيون

هڪ بُزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلِلّٰه! مون کي خواب ۾ تاجدارِ رِسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زِيارت جو شرف حاصل ٿيو، تہ مون سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اوهان کي مسلمانن

جو هر سال اوهان جي وِلادتِ مبارڪ جون خوشيون ملهائڻ پسند ايندو آهي؟ ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو اسان جي وِلادت تي خُوشيون ملهائيندو آهي ۽ اسان سان خوش ٿيندو آهي، اسان به ان سان خوش ٿيندا آهيون.
(تذكِرةُ الواعظِين، ص۶۰۰)

اَمِيرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ڪيترو نه خوب فرمائن ٿا:

جب تلک یہ چاند تارے جِھلمِلاتے جائیں گے — تب تلک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے
اُن کے عاشق نور کی شمعیں جلاتے جائیں گے — جبکہ حاسد دِل جلاتے سٹپٹاتے جائیں گے
حشر تک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے — مرحبا کی دُھوم یارو! ہم مچاتے جائیں گے
جھوم کر سارے کہو آقا کی آمد مرحبا — حشر میں بھی ہم یہی نعرہ لگاتے جائیں گے
تم کرو جشنِ وِلادت کی خوشی میں روشنی — وہ تُمہاری گورِ تِیرہ جگمگاتے جائیں گے
ذِکرِ مِیلادِ مبارک کیسے چھوڑیں ہم بھلا — جن کا کھاتے ہیں اُنہیں کے گیت گاتے جائیں گے

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص۴۱۶ تا۴۱۸)

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سرکار کی آمد | مرحبا | پیارے کی آمد | مرحبا | پُرنور کی آمد | مرحبا |
| سردار کی آمد | مرحبا | اچھے کی آمد | مرحبا | سراپانور کی آمد | مرحبا |
| مختار کی آمد | مرحبا | سوہنے کی آمد | مرحبا | رسولِ مقبول کی آمد | مرحبا |
| سچے کی آمد | مرحبا | موہنے کی آمد | مرحبا | آمنہ کے پھول کی آمد | مرحبا |

**مرحبا یا مصطفیٰ مرحبا یا مصطفیٰ مرحبا یا مصطفیٰ**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰہ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ **80 شُعبن** جي ذريعي قرآن ۽ سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعةُ المدينه** ۽ **مدرسة المدينه** به شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي. پاڪستان ۽ اوورسيز (Oversaeas) ۾ ڇوڪرَن ۽ ڇوڪِرين جا **1127** (1هزار1 سو27) **جامعات المدينه** قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ **عالم ڪورس، عالمہ ڪورس، فِيضانِ شريعت ڪورس** ڪرڻ وارن ۽ وارين جو تعداد **تقريباً 88835** (88هزار8سو35) **آهي، هاڻي تائين تقريباً 13455** (13 هزار 4 سو 55) **درسِ نظامي** مڪمل ڪري چڪا آهن، **اهو ٻڌي ڪري توهان جو ايمان تازو ٿيندو ته** الحمدلله! هِن سال (2021ء) ۾ جيڪي پاڪستان جي 9 شهرن ۾ **جامعةُ المدينه** (ڇوڪرن) **جي دستارِ فضيلت جا اجتماعات** ٿيا انهن ۾ تقريباً **1040طلبہ ڪرام جي دستاربندي** ٿي.

جامعات المدينه گرلز(ڇوڪرين) جي تحت ٿيڻ واري **رِدا پوشي اجتماعات** (پاڪستان،اوورسيز) ۾ **تقريباً 2583** (2هزار583)**طالبات ڪورس مڪمل** ڪيو آهي.

اهڙي طرح ٻارن ۽ ٻارڙين جي**4761** (4هزار7سو61) **مدارس المدينه** ۾ پڙهندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد تقريباً **221666** (2لک،21هزار666) **آهي**، هاڻي تائين تقريباً **22059** (22هزار59) ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون **ناظره قرآنِ ڪريم** مڪمل ڪري چڪا آهن تقريباً **92047** (92هزار47)ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون **حفظِ قرآن** مڪمل ڪري چڪا آهن.

**صرف ان ٻن شعبن جو سالانہ خرچ ڪروڙن ۾ آهي-**

**اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم7 نومبر 2021** ء، متوقع2 ربيع الاخر1443ھ بروز آچر ٽيلي

ٿون مهم ٿيندي. پاڪستاني ڪرنسي جي مطابق في يونٽ 10هزار جو ٿيندو، پاڪستان ۽ اوورسيز(Overseas) **دعوتِ اسلامي جي** زيرِانتظام هلندڙ **مدارس المدينه ۽ جامعات المدينه** جي سيني اخراجات جي لاءِ پنهنجي **صدقات** ذريعي تعاون فرمايو.

امير اهلِسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي هڪ پيغام ۾ فرمايو: **الله** پاڪ توهان کي مال ڏنو آهي تہ ٿيلي ٿون ۾ ضرور تعاون ڪيو، اِنْ شَآءَ الله اهو اوهان کي ٻنهي جهانن ۾ ڪم ايندو، ٿيلي ٿون (چندو جمع ڪرڻ جي مهم)۾ حصو وٺڻ وارا خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ اميراهلسنت ڪيتري پياري دعاء فرمائي آهي:

**دعاءِ عطار:** يَاالله!7نومبر 2021 **تي دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي لاءِ ٿيڻ واري ٿيلي ٿون ۾ جيڪو بہ ٿيلي ٿون کان پهريان يا بعد ۾ پنهنجي پنهنجي ملڪي ڪرنسي جي اعتبار سان ڪم از ڪم هڪ يونٽ جمع ڪرائي ان کي بري خاتمي کان بچاءِ ۽ مرندي وقت جلوهءِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ڏيکار ۽ قبر ۾ ان کي راحتون ۽ برڪتون عطا فرما.**

**يا الله!** ان کي بي حساب جنت ۾ داخل فرما ۽ جيڪو زياده يونٽ جمع ڪرائي، مالڪِ ڪريم! ان تي وڏيڪ رحمتون نازل فرماءِ ۽ گڏوگڏ ان کي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرما. جيڪو اسلامي ڀاء يا اسلامي ڀيڻ ٻين کي يونٽ جمع ڪرائڻ جي ترغيب ڏي، تيار ڪري، يا کهڙي بہ طريقي سان ڪوشش ڪري انهن سيني جي حق ۾ ۽ مون گنهگار جي حق ۾ بہ دعائون قبول فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي پياري آقا، دوعالَم جي **داتا** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ** غيب نشان آهي: ”آخرِي زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو

."(المعجم الكبير، ٢٧٩/٢٠،حديث:٦٦٠،ملخصاً) **اڄ جي دور جا جيڪي تقاضا آهن اهي ڪنهن کان ڍڪيل ڇپيل ناهن. انهيءَ لاءِ دين جي ڪمن ۾ پنهنجي صدقات (چندي/فنڊ) سان تعاون فرمايو. اِنْ شَآءَ الله توهان جو ڏنل صدقو دُنيا ۽ آخرت ۾ گهڻي فائدي جو باعث هوندو.**

**اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِدِين و ملّت امام احمدرضاخان** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فتاويٰ رضويه جلد23،صفحي 152 تي صدقي جي فضائلن تي احاديثِ طيبہ مان حاصل شده جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، انهن مان چند هي بہ آهن: ❖ الله پاڪ جي حڪم سان (صدقي ڏيڻ وارا) بُري موت کان بچندا، (صدقي ڏيڻ وارن لاءِ) ستّر دروازا بُري موت جا بند هوندا. ❖ انهن (يعني صدقو ڏيڻ وارن) جون عُمرون زياده ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن وٽ)رزق جي وُسعت، مال جي ڪثرت ٿيندي، ❖ (۽ صدقو ڏيڻ وارا) صدقو ڏيڻ جي عادت سان ڪڏهن محتاج نہ ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارا)خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن کان)آفتون بلائون پري ٿينديون، ❖ (صدقو ڏيڻ وارن کان) بُري قضا ٽري ويندي، ❖ (صدقو ڏيڻ وارن کان) ستر(70) دروازا بُرائي جا بند هوندا، ❖ ( صدقو ڏيڻ وارن کان) ستر(70) قِسْم جي بلادُور ٿيندي. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن سان گڏ) مددِ الٰهي شامل هوندي. ❖ رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيڻ وارن)جي لاءِ واجب هوندي. ❖ ملائڪ اُنهن (صدقو ڏيڻ وارن) تي دُرود موڪليندا.**

**ان کان علاوه بہ گهڻائي ديني ۽ دنياوي فائدا آهن، جيڪي صدقو ڏيڻ سان حاصل ٿيندا آهن، لهٰذا توهان پاڻ بہ ٿيلي ٽون مهم ۾ ضرور تعاون ڪيو، پنهنجي مرحومَن جي ايصال ثواب لاءِ انهيءَ ۾ يونٽ جمع ڪرايو، زياده نہ ٿئي تہ هر گهر جي هر فرد جي طرفان ڪم از ڪم هڪ يونٽ تہ ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف**

ٻڌائي هاڻي سان انهيءَ لاءِ رابطو شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اسان ڪي دين جي ڪمن ۾ دِل ڪولي خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جلوسِ مِيلاد

پنهنجي شهر /ڪابينہ ۾ ٿيڻ واري جلوسِ مِيلاد جي وقت ۽ مقام جو اعلان ڪيو وڃي.